ڊاڪٽر قمر جهان ميرزا

# خاڪپائي مرتضيٰ شهداد خان

ٽالپر اميرن سنڌ تي سٺ سال حڪومت ڪئي. سندن سٺ سالا دور حڪومت ۾ سنڌ ۾ امن امان برقرار رهيو. اهو دؤر سک ۽ فارغ البالي ۽ جو هو. ماڻهو خوشحال ۽ سکيا ستابا هئا. هر ماڻهو کي انصاف ملڻ يوندو هو.

اي - بي ايسٽ وڪ پنهنجي ڪتاب ڊراءِ ليوز فرام ينگ ايجيپٽ ۾ لکي ٿو تہ:- "مون سنڌ جي حالت جو ٽالپرن جي ذينهن ۾ تجزيو ڪيو تہ ظاهر ٿيو تہ سنڌ ۾ اڳوڻن حاڪمن کان ٽالپرن جي دور ۾ خوشحالي وڌندي ٻي ويئي ۽ ماڻهو سکيا ستابا هئا (1). اها قدرتي ڳالهہ آهي تہ خوشحالي انسان جي جسم ۽ دماغ تي سٺو اثر وجهي ٿي، صحتمند ماحول ۾ صحتمند انسان پيدا ٿين ٿا. امن ۽ خوشحاليءَ ۾ انسان جو دماغ تخليقي ڪمن ڏانهن وڃي ٿو. جيئن تہ ٽالپرن وارو دؤر خوشحاليءَ جو هو انهيءَ ڪري اتي گهڻي ڪان گهڻا شاعر، عالم، خوشنويس ۽ جترڪار پيدا ٿيا. سنڌ جي دربار ۾ هند ۽ سنڌ جا عالم اديب، شاعر، سخن فهم اچي گڏ ٿيا. حاڪم پاڻ بہ سخن فهم ۽ سخن سنج هئا تہ سندن شهزادا ۽ دوست سڀ شعر وِ سخن ۾ اڳتي هئا. شهزاديون توڙي سکر گهرن جون عورتون سڀ علم و ادب شعر و سخن سان شوق رکنديون هيون.

تاجدارن ۾ مير ڪرم علي خان ڪرم، مير مراد علي خان مراد، مير صوبدار خان مير، مير نصير خان جعفري، مير حسين علي خان حسين، مير حسن علي خان حسن، مير شهداد خان حيدري، مير محمد علي بهرور، مير عباس علي خان مومن، مير عبدالحسين خان سانگي، هي سڀئي امير علم برور شاعر ۽ سخن فهم هئا. سندن جڳ مشهور ديوان ۽ ٻيون تصنيفات اڄ بہ ٽالپري ڪتب خاني ۾ ڇپيل ۽ اڻ ڇپيل موجود آهن (1).

سنڌي ادب ۾ جتي ٻين آميرن جو ذڪر ۽ سندن علمي لياقتن ڪي ساراهيو ويو آهي اُت مير شهداد خان جي علمي لياقتن جو ذڪر ٻڻ ضرور آهي. هي شهزادو فارسي زبان جو قادرالڪلام شاعر آهي. ۽ صاحب ديوان آهي. هيٺ مختصر احوال ڏجي ٿو:-

امير ابن آمير مير شهداد خان تخلص حيدري هي شهزادو والئي سنڌ مير نور محمد خان جو فرزند ۽ مير مراد علي خان جو پوٽو هو. سندس لقب "سرڪار بلند اقتدار" ۽ سجع هيٺين ريت آهي:-

(1) خاڪپائي مرتضيٰ شهداد خان 1249هه

(2) خاڪپائي مصطفيٰ و مرتضيٰ شهداد خان (2).

مٿيون سجع سندس منڊيءَ جي نگ تي اڪريل آهي. هيءَ منڊي سندس پوين وٽ اڄ به محفوظ آهي.

**تعليم و تربيت:-** سنڌ جي مسلمانن جي دستور مطابق هن شهزادي کي به ابتدائي تعليم ديني يعني قرآن پاڪ ۽ مذهبي ڪتاب پڙهايا ويا. ديني تعليم کانپوءِ فارسي، سنڌي، عربي ۾ نثر نظم ۽ نصاب مطابق تعليم ڏني ويئي. شاهي دستور مطابق گهوڙي سواري ۽ تلواربازي جي ٻڻ سکيا ڏني ويئي. انهن ڏينهن ۾ نصاب ۾ شعر جوڙڻ ٻڻ سيکاريو ويندو هو. خاص طور شهزادن کي شاعر خود پڙهائيندا هئا. امير شهداد خان کي ننڍپڻ ۾ ئي شاعرانه ماحول مليو. تنهن ڪري سندس لاڙو شاعريءَ ڏانهن ٿيندو ويو ۽ ڦوهه جوانيءَ ۾ ئي صاحب ديوان بڻيو. فارسي زبان تي کيس مڪمل دسترس حاصل هئي.

"سندس والد مير نور محمد خان جي وفات کان پوءِ سندس چاچي تاجدار سنڌ مير نصير خان جعفري پنهنجي خانداني دستور مطابق کيس امور حڪومت ۾ شريڪ ڪيو. "امير شهددا خان نهايت گرم مزاج ۽ زود رنج طبيعت جو مالڪ هو. هو جاگير جي معاملي ۾ پنهنجي پياءُ حسين علي خان سان ٻڻ ڪاوڙجي پيو هو ۽ آخر وڏن ميرن سندن صلح ڪرايو" (3).

سال 1843ع ۾ انگريزن سنڌ تي حملي ڪرڻ لاءِ مڪمل تياري ڪري چڏي جڏهن ميرن محسوس ڪيو ته هاڻ جنگ اڻ ٽر آهي ته هن شهزادي 8000

فوج سان انگريزن جي ڪيمپ تي 15 فيبروري تي حملو ڪيو. ۽ ڪين فلحال اتان ڀڄائي ڪڍيائين. پر اها عارضي فتح جلد ئي مياڻيءَ واري جنگ ۾ شڪست ۾ بدلجي ويئي. 1843ع ۾ انگريز سنڌ تي قبضو ڪري سڀني ٽالپرن اميرن کي قيد ڪري ڪلڪتي وٺي ويا. جتي مير شهداد کي اڪيلو سورت ۾ قيد ڪري رکيائون. مٿس فرنگين جي ڪيمپ کي باهه لڳائڻ ۽ ڪئپٽن "Ennis انس" جي قتل جو الزام لڳايائون. مگر لارڊ ڊلهائوزي تحقيقات ڪري هن کي بيقصور ثابت ڪري ڪلڪتي ۾ سندس قيدي خاندان سان گڏ رکيو" (4).

**وفات:** امير شهداد خان 7 محرم 1274هه مطابق 28 آگسٽ 1857ع ۾ اتي وفات ڪري ويو. ڪيس حيدرآباد سنڌ ۾ ميرن جي قبن تي سندس والد مير نور محمد خان ٽالپر جي پر ۾ دفن ڪيو ويو (5). سندس قبر تي هيٺيون ڪتبو لکيل آهي.

تاريخ وصال مرحوم مير صاحب شهداد خان ٽالپر عليه الرحمت

هفتم ماه محرم 1274هه.

**سنڌس شاعريءَ ۾ حصو:** شهزادو شهداد خان سخن سنج ۽ سخن فهم هو. شاعرن ۽ عالمن جو قدردان هو. هو ننڍپڻ کان ئي شاعرن جي محفل ۾ رهيو هو. تنهن ڪري سعر چوڻ ۽ شعر پڙهڻ سندس دلچسپ مشغلا هئا. فارسي زبان تي عبور حاصل هئس. فارسيءَ جو قادرالڪلام شاعر هو. شاعري ۾ سندس نهايت هڪ اعليٰ تصنيف ديوان حيدري آهي. شعرن ۾ ڪٿي ٽالو تہ ڪٿي حيدري تخلص استعمال ڪيو اٿس (6).

**صنفون:** هن صاحب شاعريءَ جي هر صنف تي طبع آزمائي ڪئي آهي. جهروڪ، غزل، رباعيون، مخمس، مسدس، مثنوي، ترڪيب بند، ترجيع بند، ساقي نامہ وغيره وغيره (7).

**موضوع:** سندس شاعري گوناگون موضوعن تي مشتمل آهي. تقريبا ڪائنات جي هر پهلوءَ کي پنهنجي ڪلام جو موضوع بنايو اٿس. ديوان جي شروعات حمد باري تعاليٰ، منقبت، مداح ۽ مناجات سان ڪئي اٿس. اُن کان پوءِ

## غزل

مثال:

شعر (1) من آن غريبم که دررہ توز ناتواني فتا دازپا

نہ هوش درسر نہ تاب درتن نہ جان صبوري نہ جان شکيبم

شعر آخري: ترامن بجان بندم ام ياعلي،

بتائيد تو زندام ياعلي (9).

هن شاعر شهزادي سورت کان ڪلڪتي ويندي ڪجهہ شعر چيا آهن، جنهن سفر جي مشڪلاتن غريب الوطني پنهنجن جي بيوفائي، انگريزن جي ظلم ۽ حيدرآباد شهر کي ياد ڪندي چوي ٿو تہ:

(1) گرفتم اين که بر منزل رسانم يار محمل را..

مگر مشکل فرودارد کسي بار غم دل را.

(2) درين دريائي طوفان خيز دل افکندم رفتم

خبراز حال من نبود سبکسارن ساحل را.

(3) دم رفتن بکام خود نديدم جلوه، رويش،

که نتوان درو داعش حاره کردن اشک حائل را.

(4) شتربان برشتر امروز مبند عبث محمل

کہ آب ديده ام گل کرد خاک راه منزل را.

(5) سفر بس دور، من هم ناتوان ليکن نبنديشم

جوتائيد خدا آسان کند طئي منزل را (10).

### ديوان حيدري جي بناوت:

ديوان حيدري، شاعر مير شهداد خان حيدري

سائز "14x12 انچ.

جلد - پڪو ڪهري ڪازهي رنگ جو.

هن ديوان جو ديباجو حاجي محمد حسن "بيدل" شيرازي جو لکيل آهي. خوبصورت خطاطي ميان نور محمد "انور" بن ميان عبدالقادر "جوهري" سيوستاني جي ڪيل آهي. هن ديوان جي ترتيب مير حسين علي خان سال 1274هہ ۾ ڪلڪتي

۾ ڪئي.

هي ديوان نهايت شستہ فارسي ۾ لکيل آهي. شعرن جي ترتيب نهايت خوبصورت آهي. هي ديوان ٺٽي مير نور محمد ۾ ٿالپري ڪتب خاني ۾ موجود آهي ۽ قلمي حالت ۾ آهي (11).

# حوالا

(1) E. B. Eastwick: "Dryleaves from young Eygpt" p. 257.

(2) مصنف جو ذاتي مشاهدو.

(3) ابراهيم خليل: "تڪمله مقالات الشعراءِ". مرتب پير حسام الدين راشدي. سنڌي ادبي بورڊ. 1958ع. ص 159.

(4) E. B. Eastwick: "Dryleaves from young Eygpt" p. 256.

(5) خليل ابراهيم: "تڪمله مقالات الشعراءِ". ص 140.

(6) ساڳيوئي.

(7) مير شهداد خان: "ديوان حيدري" قلمي مسودو.

(8) ساڳيوئي.

(9) ساڳيوئي.

(10) ساڳيوئي.

(11) مصنف جي ٿالپري ڪتب خاني تي ذاتي تحقيق.